# مولیٰ علی رَضِیَ اللہُ عنہ

# جو شان ۾ قرآن

**21 March-2025**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

21 مارچ 2025ع (بمطابق: 20 رمضان شريف 1446 ھ)

تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو شان ۽ قرآن

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... سڄي رات درسِ قرآن جاري رهيو
- ... مولا علي جي شان ۾ 4 قرآني آيتون
- ... آقا جو پاڙو حاصل ڪرڻ جو طريقو
- ... ايمان ڪامل ڪڏهن ٿيندو آهي

پيشڪش

اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَۃ

Islamic Research Center

(شعبو: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: **2**، صفحو: **37**، حديث پاڪ نمبر **37** آهي:

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِيْ يَوْمِ الْجُمُعَةِ اَلْفَ مَرَّةٍ، لَمْ يَمُتْ حَتّٰى يَرٰى مَقْعَدَهٗ مِنَ الْجَنَّةِ

ترجمو: جيڪوشخص جمعي جي ڏينهن مون تي هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، اهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڏسي وٺي. (1)

بروزِ جُمعہ پڑھے جو درود اور صَلَوات | نہ ہووے کیونکر اُسے نارِ دوزخی سے نجات
گر آرزوئے قبولِ دُعا ہو اے لوگو! | بروزِ جمعہ پڑھو تم درود ہر اوقات (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-[3]

---

1... افضل الصلوات للنبہانی، صفحہ:25۔

2...کافی کی نعت، صفحہ:41۔

3... بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي- اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلْمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڄي رات قرآن جو درس جاري رهيو

**روايت آهي:** مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضىٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خلافت جو دور هو، هڪ دفعي عشاء جي نماز ٿي. مولىٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو: مون سان اڪيلائي ۾ ملجو.

حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پاڻ بہ صحابيءِ رسول آهن ۽ انهن کي سُلطانُ الْمُفَسِّرِين جو خطاب ڏنو ويو آهي. هي اها شخصيت آهن، جن کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا ڪئي هئي: اَللّٰهُمَّ عَلِّمْهُ الْكِتَابَ، يعني اي الله پاڪ! عبدالله کي قرآن جو علم عطا فرماءِ.[1] هيءَ دعاءِ مصطفىٰ قبول ٿي، پاڻ قرآني علمن ۾ اهڙا تہ ماهر ٿي ويا جو فرمائيندا هئا: **جيڪڏهن منهنجي اُٺ جي مُهارَ بہ گم ٿي وڃي تہ مان قرآنِ ڪريم ذريعي ان کي ڳولهي لهندس.**

يعني انهن کي قرآنيات تي ايڏي وڏي مهارت حاصل هئي. خير! حضرت مولىٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن کي فرمايو: مون سان اڪيلائي ۾ ملجو. حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نماز کان فارغ ٿي حضرت مولىٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. مولىٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن کي فرمايو: عبد الله! الله پاڪ فرمايو آهي:

---

1... بخاری، کتاب العلم، باب قول النبی اَللّٰهُمَّ عَلِّمْهُ الْکِتَابَ، صفحہ:93، حدیث:75۔

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ۙ﴿۱﴾
(پاره:1، سورة فاتحه:1)

ترجمو كنزالعرفان: سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جيڪو سڀني جهان وارن جو پالڻهار آهي

(هيءَ جيڪا سُوره فاتحه جي پهرين آيت آهي) ان ۾ شروع جي **حرف الف** جي معنىٰ ڇا آهي؟

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پاڻ به قرآنِ ڪريم جا وڏا ماهر هئا، پر حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جيئن ته وڏيڪ علم وارا آهن، لهٰذا عرض ڪيائون: حضور! اوهان ئي ارشاد فرمايو! فرمائن ٿا: مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حرف ”الف “جي وضاحت ڪرڻ شروع ڪئي، ان جي تفسير ڪندا رهيا، ڪندا رهيا، ڪيترائي ڪلاڪ صرف حرفِ الف جي وضاحت ۾ گذري ويا. پوءِ فرمايائون اَلۡحَمۡدُ ۾ حرفِ الف کان پوءِ جيڪو حرفِ لام آهي، ان جو ڇا مطلب آهي؟ حضرت عبد الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ وري عرض ڪيو: اوهان ئي ارشاد فرمايو: لهٰذا مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حرفِ لام جي وضاحت شروع ڪئي ته ان ۾ به ڪيترائي ڪلاڪ گذري ويا. ائين ڪندي ڪندي، اجان قرآن ڪريم جي پهرين آيت جي پهرئين لفظ اَلۡحَمۡدُ جي وضاحت ئي پوري ٿي هئي ته فجر جي اذان ٿي وئي.[1]

| | |
|---|---|
| خاموش ہیں تو دِین کی پہچان علی ہیں | گر بولیں تو لگتا ہے کہ قرآن علی ہیں |
| قرآن تو دیتا ہے ہمیں دعوتِ ایمان | ایمان یہ کہتا ہے میری جان علی ہیں |
| اُمّت میں نمایاں ہیں سبھی اَہْلِ وِلایَت | اَصْحابِ وِلایَت کے بھی سلطان علی ہیں |

وضاحت: مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو اهو شان آهي جو خاموشي جي حالت ۾ به سندن ڪردار مان دينِ اسلام جي سڄاڻپ ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن پاڻ ڪلام فرمائيندا آهن ته قرآن پاڪ جي ترجماني ڪندا آهن، قرآن ته هر ڪنهن کي ايمان جي دعوت

1... الشرف المؤبد، صفحه:95 ـ

ڏئي تو پر ايمان جي جان ۽ سڃاڻپ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي محبت آهي. الله پاڪ جا وڏا وڏا اولياءَ وڏي شان ۽ عظمت وارا آهن، مگر مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ هر شان واري وليُ الله جا آقا ۽ مولا آهن.

## قرآن ڪريم تمام علمن جو مجموعو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي علمي شان بابت هڪ زبردست ۽ خوبصورت واقعو ٻڌو. هن واقعي تي غور فرمايو! پهريان اهو ڏسو تہ قرآن ڪريم ڪيڏو نہ جامع ڪتاب آهي. مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جڏهن قرآن ڪريم جي تفسير بيان ڪرڻ وينا تہ هڪ ئي لفظ جي وضاحت ۾ سڄي رات گذري وئي.

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي قرآن جو شان ....!! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَا رَطۡبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيۡ كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۵۹﴾ (پاره:7، سورۀ انعام:59)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ڪا بہ آلي شيءِ نہ آهي ۽ نہ ئي سُڪَل شيءِ مگر اها هڪ روشن ڪتاب ۾ آهي.

يعني ڪابہ شيءِ خشڪ هجي يا تَر، وڏي هجي يا ننڍي، ماضيءَ ۾ هئي يا هاڻي بہ موجود آهي، هن وقت آهي يا ايندڙ وقت هوندي، غرض دنيا جي ڪابہ شيءِ اهڙي ناهي جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ موجود نہ هجي.

## اڳين ۽ پوين جون خبرون

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: جيڪو شخص علم سکڻ چاهي تو ان کي گهرجي تہ قرآن ڪريم کي مضبوطيءَ سان پڪڙي وٺي بيشڪ ان ۾ اڳين ۽ پوين جون خبرون آهن.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي قرآن ڪريم جو شان آهي...!! هي اهو عظيم ڪتاب آهي جنهن ۾ اڳين ۽ پوين جا عِلمَ گڏ ڪيا ويا آهن.

1... زہد لابن مبارَک ، صفحہ:247، حديث:814۔

هاڻي اسان ٿورو پنهنجي حال تي نظر وجهون ته اسان هن جامِعُ الْعُلُوم (يعني سيني علمن جو مجموعو) ڪتاب قرآن ڪريم کي ڪيترو سڪي رهيا آهيون؟ هي هڪ چوٽ ڪرڻ وارو سوال آهي، واقعي هيءَ هڪ تشويشناڪ صورتحال آهي ته اڄ مسلمان سڄي دنيا جا علم سکڻ لاءِ تيار هوندا آهن، لکين روپيا خرچ ڪري ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي، غير مسلمن جا لکيل ڪتاب پڙهي رهيا هوندا آهن، ڊائجسٽ، ڪهاڻيون، ناول ۽ نه ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون پڙهي رهيا هوندا آهن، جيڪڏهن نه ٿا پڙهن ته قرآن ڪريم نه ٿا پڙهن، جيڪڏهن نه ٿا سکن ته قرآن ڪريم نه ٿا سکن...!! جڏهن ته قرآن ڪريم الله پاڪ جو ڪلام آهي، اڳين ۽ پوين جو ڪو به علم اهڙو ناهي جيڪو قرآن ڪريم ۾ موجود نه هجي. ڪاش! اسان هن حقيقت کي سمجهون ۽ قرآن ڪريم سکڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن کي رهنما بڻائي ڇڏيو...!!

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اِنَّ الْقُرْآنَ شَافِعٌ وَّمُشَفَّعٌ قرآن ڪريم شفاعت ڪندڙ آهي ۽ ان جي شفاعت قبول ڪئي ويندي- فَمَنْ جَعَلَهٗ اِمَامَهٗ قَادَهٗ اِلَی الْجَنَّةِ جيڪو قرآن ڪريم کي پنهنجو امام ۽ پيشوا بڻائيندو، قرآن ڪريم ان کي جنت ۾ وٺي ويندو. وَمَنْ جَعَلَهٗ خَلْفَهٗ سَاقَهٗ اِلَی النَّار ۽ جيڪو قرآنِ مجيد کي پُٺِي ڏيندو (يعني ان جي حڪمن تي عمل نه ڪندو) قرآنِ مجيد ان کي دوزخ ۾ اڇلائي ڇڏيندو.[1]

درسِ قرآن جو ہم نے نہ بھلایا ہوتا | یہ زمانہ نہ زمانے نے دکھایا ہوتا

الله پاڪ اسان کي هدايت ڏي، ڪاش! اسان قرآن ڪريم کي پنهنجو رهنما بڻائڻ، انهيءَ پاڪ ڪلام کي پڙهڻ، سکڻ ۽ سمجهڻ وارا بڻجي وڃون.

1... مصنف عبد الرزاق، باب تعليم القران، جلد:3، صفحه:229، حديث:6030

# قرآن ڪريم کي ڪيئن سمجهون...!!

اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي اڄ جي دور ۾ سڄي دنيا ۾ قرآن جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، **تفسير صِراطُ الجنان** مڪتبةُ المدينہ تان ملي سگهي ٿو، **10** جلدن تي مشتمل قرآن ڪريم جي جديد ۽ تمام آسان اردو ۾ لکيل تفسير آهي. هي تفسير حاصل ڪيو! ان جي ايپلي ڪيشن بہ موجود آهي، پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪيو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو! ٻين کي بہ ترغيب ڏيو- ۞ هاڻي تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ! تفسير **تعليمُ القرآن** بہ اچي چڪي آهي، جيڪا **2** جلدن تي مشتمل آسان ۽ مختصر تفسير آهي، ان کي پڙهو! ۞ ترجموڪنزُالايمان ۞ ترجموڪنزُالعرفان پڙهو! ۞ نُورُالعرفان پڙهو! ۞ خزائنُ العرفان پڙهو! اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! دل ۾ قرآن جو نور داخل ٿيندو، فيضانِ قرآن نصيب ٿيندو ۽ الله پاڪ جي ڪرم سان دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي- الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مولیٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ مسلمانن جا چوٿان خليفا آهن ۞ پاڻ مڪي مڪرمہ ۾ پيدا ٿيا ۞ **10** سالن جي عمر مبارڪ ۾ اسلام قبول ڪيائون.[1] ۞ سندن والده انهن جون نالو حيدر ۽ والد سندن نالو علي رکيو ۞ پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کين اَسَدُاللّٰہ (يعني الله پاڪ جو شينهن) جي لقب سان نوازيو.[2] ۞ اَسَدُاللّٰہ جو مطلب آهي: الله پاڪ جو شينهن.

علی المرتضیٰ شیرِ خُدا ہیں | کہ ان سے خوش حبیبِ کبریا ہیں

1... ڪراماتِ شير خدا ، صفحہ : 12 ملخصاً ـ
2... مرآة المناجيح ، جلد : 8 ، صفحہ : 412 ملخصاً ـ

۞ مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اولين مهاجرن يعني ابتدا ۾(هجرت ڪرڻ وارا) ۽ عَشَرَهٴمُبَشَّرَه (يعني اهي **10** خوشنصيب صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جن کي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نالو کڻي جنت جي بشارت ڏني انهن) مان آهن. ۞ غزوه بدر، اُحد وغيره ۾ شريڪ ٿيا. **(1)** سندن شجاعت ۽ بهادري تمام گهڻي مشهور ۽ معروف آهي. ۞ مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مسند خلافت تي ويٺا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ **4** سال، **8** مهينا ۽ **9** ڏينهن تائين خلافت جون ذميواريون نهايت حسن ۽ خوبي سان سر انجام ڏنيون. **(2)** **17** يا **19** رمضان شريف سن **40** هجري تي هڪ خبيث خارجي جي قاتلاڻي حملي ۾ شديد زخمي ٿي پيا ۽ **21** رمضان شريف آچر جي رات جام شهادت نوش فرمايائون. **(3)**

اَصلِ نَسلِ صَفَا، وجہِ وَصلِ خُدا | بابِ فَضلِ وِلایت پہ لاکھوں سلام(4)

**وضاحت:** حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڪ نسل(يعني سيد زادن) جا جدِ اعليٰ آهن، واصِل باللّٰه(يعني الله پاڪ جو مقرب) بڻجڻ جو سبب ۽ ولايت جي فضيلت ملڻ جو دروازو آهن. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مولیٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عنه جي شان ۾ قرآني آيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت مولا علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شان ۾ ڪيتريون ئي قرآني آيتون نازل ٿيون، اچو! انهن مان ڪجهه آيتون ۽ انهن جون وضاحتون ٻڌون:

1... اسد الغابه ، جلد : 4 ، صفحه : 88بتغير ـ
2... ڪراماتِ شيرِ خدا ، صفحه : 13 ـ
3...ڪراماتِ شيرِ خدا، صفحه:13 ـ
4 ... حدائقِ بخشش ، صفحه : 313 ـ

## (1) 4 انعامات

سيپارو **17**، سورة حج، آيت نمبر **23** ۽ **24** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ يُدۡخِلُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ يُحَلَّوۡنَ فِيۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّلُـؤۡلُـؤًا ؕ وَلِبَاسُهُمۡ فِيۡهَا حَرِيۡرٌ ﴿۲۳﴾ وَ هُدُوۡۤا اِلَى الطَّيِّبِ مِنَ الۡقَوۡلِ ۚۖ وَ هُدُوۡۤا اِلٰى صِرَاطِ الۡحَمِيۡدِ ﴿۲۴﴾

(پاره:17، سورة حج:23-24)

ترجمو كنزالعرفان: بيشڪ الله ايمان وارن کي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن کي انهن باغن ۾ داخل فرمائيندو جن جي هيٺان نهرون جاري آهن. انهن کي انهن باغن ۾ سون جا ڪنگڻ ۽ موتي پارايا ويندا ۽ جنتُن ۾ انهن جو لباس ريشم جو هوندو ۽ انهن کي پاڪ ڳالهه جي هدايت ڪئي وئي ۽ انهن کي سمورين خوبين جي لائق (الله) جي راهه ڏيکاري وئي.

هي **2** آيتون ٽن صحابهءِ ڪرام ۞ مولا علي ۞ حضرت حمزه ۽ ۞ حضرت عبيده (رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم) جي حق ۾ نازل ٿيون.[1] هن جڳهه تي انهن ٽنهي صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان لاءِ چار انعام بيان ڪيا ويا آهن: **(1)** انهن کي جنتي باغ عطا ڪيا ويندا. **(2)** جنت ۾ انهن کي سون جا ڪنگڻ *(Golden Bracelets)* ۽ موتي *(Pearls)* پارايا ويندا. **(3)** انهن جو لباس مبارڪ ريشم *(Silk)* جو هوندو. **(4)** انهن کي پاڪ ڳالهه جي هدايت ڪئي وئي ۽ سڀني خوبين واري رب ڪريم جي راهه ڏيکاري وئي.

## فاطمه ۽ علي ...!! جنتي جنتي

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن آيتن مان معلوم ٿيو ته مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جنتي صحابي آهن- اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ قطعي يقيني جنتي آهن، بلڪ صرف پاڻ ئي نه، پر تمام صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جنتي آهن.

1... تفسير قرطبي، پاره:17، سورة حج، زيرِ آيت:19-24، جلد:6، صفحه:17-19 ملتقطاً-

| | |
|---|---|
| هر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی | حضرتِ صدّیق بھی! جنّتی جنّتی |
| اور عُمرِ فاروق بھی! جنّتی جنّتی | عُثمانِ غنی! جنّتی جنّتی |
| فاطِمہ اور علی! جنّتی جنّتی | ہیں حَسَن حُسین بھی! جنّتی جنّتی |
| والِدَینِ نبی! جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی |
| اور ابو سُفیان بھی! جنّتی جنّتی | ہیں مُعاویہ بھی! جنّتی جنّتی (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پياري محبوب جا پيارا ساٿي

حضرت زيد بن ابو اَوفيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي مخاطب ٿي فرمايو: اي علي! تون ۽ منهنجي ڌيءَ فاطمه، ٻئي جنت ۾ منهنجي محل ۾ مون سان گڏ رهندؤ. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هيءَ آيت تلاوت فرمائي: [2]

اِخْوَانًا عَلٰی سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِیْنَ ﴿۴۷﴾
(پاره:14،سورة حجر:47)

ترجمو ڪنز العرفان: اهي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ هوندا اهي آمهون سامهون تختن تي ويٺل هوندا.

## جنت موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي تمنائي آهي

حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنت ٽن ماڻهن جي مشتاق آهي: (1) علي (2)عمار (3) ۽ سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم. [3]

---

1...وسائلِ فِردوس،صفحه:53۔
2...فضائل الصحابه، فضائل علی رَضِیَ اللهُ عنه من حديث ابی بکر...الخ، جز:2، صفحه:667، حديث:1137۔
3...ترمذی، ابواب المناقب عن رسول الله، باب مناقب سلمان...الخ، صفحه:860، حديث:3802۔

# مولىٰ علي جا جنتي باغ

حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مان رسولِ رحمت، مالڪِ جنت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ مديني جي ڪنهن رستي تان گذري رهيو هيس، اسان هڪ باغ *(Garden)* جي ڀرسان گذرياسين، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي ڪيڏو نه خوبصورت باغ آهي ....!! فرمايائون لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنت ۾ ان کان به وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو. پوءِ اسان هلندا هلندا هڪ ٻئي باغ جي ويجهو پهتاسين، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي به ڪيڏو نه خوبصورت آهي، فرمايائون: لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا (يعني اي علي!) توکي جنت ۾ ان کان به وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو. اهڙي طرح هلندي هلندي اسان ستن باغن وٽان لنگهياسين پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر ڀيري ايئن ئي فرمائيندا رهيا: لَكَ فِي الْجَنَّةِ اَحْسَنُ مِنْهَا(يعني اي علي!) توکي جنت ۾ ان کان به وڌيڪ خوبصورت باغ ڏنو ويندو.(1)

| | |
|---|---|
| میں گُناہوں کا مریض اور آپ ہیں میرے طبیب | دیجئے! مجھ کو شِفا مولیٰ علی مشکل کُشا! |
| مغفرت کروایئے! جنّت میں لے کے جایئے! | واسِطہ حسنین کا مولیٰ علی مشکل کُشا! |
| اشکبار آنکھیں عطا ہوں ، دِل کی سختی دُور ہو | دیجئے خوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کُشا! |
| بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا | لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مشکل کُشا! |
| کیوں پھِروں در در بھلا خیرات لینے کے لئے | میں فقط منگتا ترا مولیٰ علی مشکل کُشا!(2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...مسند ابی یعلیٰ، مسند علی بن ابی طالب، جلد:1، صفحہ:191، حدیث:565۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:522۔524ملتقطاً۔

## آقا جو پاڙو حاصل ڪرڻ جو طريقو

ڪاش! مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي ۽ جنت ۾ آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي وڃي.

احاديث ڪريمہ موجب: ۞ ڪثرت سان سجدا ڪرڻ سان جنت ۾ آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿيندو آهي. ۞ نياڻين جي بهتر انداز سان پرورش ڪرڻ سان آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿيندو آهي ۞ يتيمن جي پرورش ڪرڻ ۞ وڏن جو ادب ڪرڻ، ننڍن تي شفقت ڪرڻ ۞ ۽ سنتن سان محبت ڪرڻ جي برڪت سان جنت ۾ آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿيندو آهي. اسان کي گهرجي تہ اهي نيڪ عمل اختيار ڪيون، ڪثرت سان سجدا ڪيون، يعني پنج وقت نماز پڙهون، فرض بہ ادا ڪيون، سنتون بہ پڙهون ان سان گڏوگڏ نفلن جي بہ ڪثرت ڪيون، نياڻين جي بهتر پرورش ڪيون، يتيمن جي سارَ سنڀال لهون، سنتن سان محبت ڪندا رهون اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم! جنت ۾ آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي ويندو.

## (2) الله پاڪ جي رِضا چاهڻ وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي شان ۾ هڪ ٻي آيتِ قرآني سماعت ڪيو! الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ یَّشۡرِیۡ نَفۡسَہُ ابۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِ اللہِ ؕ (پاره:2، سورهٔ بقره:207) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جيڪو الله جي رضا تلاش ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جان وڪڻي ڇڏيندو آهي. |

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هيءَ آيتِ ڪريمہ حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي شان ۾ نازل ٿي.[1]

1... تفسير ثعلبی، پاره:2، سورهٔ بقره، زيرِ آيت:207، جلد:2، صفحه:126-

ڪڏهن نازل ٿي هئي؟ ٻڌو! اها هجرت جي رات هئي، جڏهن مڪي جي غير مسلمن پاڻ ۾ مشورو ڪيو ۽ مڪي جي سڀني قبيلن مان هڪ هڪ شخص چونڊيو ويو، انهن سڀني کي تلوارون ڏئي ڪري پياري محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ گهر ٻاهران بيهاريو ويو، انهن جو منصوبو اهو هو ته جيئن ئي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بستري تي ليٽندا ته اسان سڀ گڏجي معاذَالله! حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي حملو ڪنداسين.

هيڏانهن غير مسلم اهو منصوبو جوڙي رهيا هئا هوڏانهن الله پاڪ ان ئي رات پنهنجي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هجرت جو حڪم ڏئي ڇڏيو. هاڻي هجرت ته ڪرڻي هئي، مڪو پاڪ ڇڏي مديني پاڪ ڏانهن سفر ڪرڻو هو. ان وقت پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جيڪو فڪر هو، اهو هي هو ته اهلِ مڪ جيتوڻيڪ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ايمان نه آڻي رهيا هئا، بلڪ شهيد ڪرڻ تي آماده هئا پر پوءِ به امانتون حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ ئي رکرائيندا هئا، تنهنڪري حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فڪر هو ته مان ته هجرت ڪري مديني پاڪ وڃي رهيو آهيان هاڻي هي امانتون مالڪن تائين ڪيئن پهچايون وينديون؟ ان جي لاءِ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو انتخاب فرمايو سموريون امانتون مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي حوالي ڪيون ۽ فرمايو: اي علي! منهنجي بستري تي ليٽي پئه ...!! الله پاڪ چاهيو ته توکي ڪو به نقصان نه پهچندو صبح جو سڀني جون امانتون انهن جي حوالي ڪري پوءِ مديني هليو اچجان.

هاڻي ماحول ڏسو ڪهڙو آهي ...!! غير مسلم اُگهاڙيون تلوارون کڻي ٻاهران بيٺل آهن، جان جو پورو خطرو موجود آهي، ان جي باوجود به مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو عشقِ رسول ۽ جذبهءِ جان نثاري ڏسو جو پاڻ پياري محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بستري مبارڪ تي ليٽڻ قبول ڪري ورتائون مطلب ته پاڻ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا خاطر پنهنجي جان خطري ۾ وجهي رهيا هئا. الله پاڪ کي

مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو اهو جذبو ڏاڍو پسند آيو، تنهنڪري سندن شان ۾ هيءَ آيت نازل ڪئي وئي. فرمايو ويو: [1]

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ (پاره:2، سورة بقره:207)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جيڪو الله جي رضا تلاش ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جان وڪڻي ڇڏيندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! ان مان معلوم ٿيو ته حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ الله پاڪ جي رضا جا طلبگار آهن ۽ ايتري حد تائين طلبگار آهن جو الله پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائڻ لاءِ به تيار ٿي ويندا آهن.

## رِضاءِ مولىٰ جا طلبگار بڻجي وڃو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي صدقي اسان به الله پاڪ جي رضا جا سچا طلبگار بڻجي وڃون ...!! حضرت علي المرتضىٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جي غلامي جي اسان دعوا ڪيون ٿا انهن جو شان ته هي آهي جو الله پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائڻ لاءِ به تيار ٿي ويا، ٻئي طرف اسان جو هي حال آهي جو ❁ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ صرف نماز پڙهڻ جو وقت به نه ٿا ڪڍي سگهون ❁دنيا جون مصروفيتون پالي وينا آهيون پر الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سجدو ڪرڻ جو وقت اسان کي نه ملندو آهي ❁ فضول ڳالهين ۾ لڳل رهندا آهيون، اجائي بڪ بڪ ۾ وقت وڃائيندا آهيون بلڪ گناهن ڀري گفتگو به ڪري ويندا آهيون، پر افسوس! الله پاڪ جو ذڪر ڪري سندس رضا حاصل ڪرڻ جو وقت اسان کي نه ملندو آهي. ❁ سڄي دنيا جون خبرون ٻڌندا رهنداسين ❁ فيس بڪ جون پوسٽون روزانو سَوين پڙهي وٺنداسين ❁انسٽاگرام وغيره جا سوين پيغام پڙهي ويندسين، پر افسوس! قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري الله پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ اسان تيار نه ٿيندا آهيون آه! افسوس! نفسِ امّاره اسان کي ڌوڪي ۾ وجهي ڇڏيو آهي، رڳو ڏينهن رات بس ڪائڻ، ڪمائڻ، مشهوري ماڻڻ، نالو ۽

1... اُسد الغابه، جلد:4، صفحه:98 مفصلاً.

شهرت حاصل ڪرڻ، گهٽي کان گهٽو مال گڏ ڪرڻ جي ڌُنَ ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان ڪجهه نہ ٿا ڪري سگهون، وقت نہ ٿا ڪيي سگهون، تہ انهن ڪمن لاءِ نہ ٿا ڪيي سگهون جن ڪمن ڪرڻ سان الله پاڪ جي رضا حاصل ٿيندي آهي. ڪاش! اسان جي حال تي ڪرم ٿي وڃي، ڪاش! فيضانِ مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ نصيب ٿي وڃي ۽ اسان الله پاڪ جي رضا جا طلبگار بڻجي وڃون.

## ايمان ڪامل ڪڏهن ٿيندو آهي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڳالهہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو تہ اسان مسلمان آهيون ۽ مسلمان جي زندگي جو مقصد دنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي وڃڻ نہ پر سموري زندگي الله پاڪ جي رضا جي طلب ۾ گذارڻ آهي. اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مَنْ اَحَبَّ لِلّٰهِ، وَاَبْغَضَ لِلّٰهِ وَاَعْطٰى لِلّٰهِ وَمَنَعَ لِلّٰهِ فَقَدِ اسْتَكْمَلَ الْاِيمَانَ يعني جيڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪري، الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ئي نفرت ڪري، الله پاڪ جي رضا ئي جي لاءِ ڏي ۽ الله پاڪ جي رضا ئي جي لاءِ رڪجي وڃي تہ ان جو ايمان ڪامل ٿي ويو.[1]

مطلب تہ ٻانهي کي دنيا ۾ جيڪو بہ ڪرڻو آهي اهو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪري. جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي ڪرڻي آهي تہ پنهنجي لاءِ نہ پر صرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر ڪري. پنهنجي اولاد سان، ماءُ پيءُ سان محبت ڪرڻي آهي تہ رڳو فطري لڳاءَ سبب نہ ڪري بلڪ الله پاڪ جي رضا جي نيت سان ڪري. نفرت بہ ڪرڻي آهي تہ پنهنجي نفساني خواهشن جي بنياد تي ڪنهن سان لڙائي نہ ڪري، پنهنجي عزتِ نفس ۽ اَنا جي ڪري ڪنهن سان دشمني نہ رکڻي آهي، پر جيڪڏهن نفرت ڪرڻي بہ آهي تہ صرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر الله پاڪ جي دشمنن سان نفرت ڪرڻي آهي. ڪنهن کي ڪجهه ڏيڻو آهي تہ فقط الله پاڪ جي رضا جي نيت سان ڏئي ڪنهن کان ڪجهه روڪڻو آهي تہ الله پاڪ جي رضا جي نيت سان روڪي. مختصر اهو تہ جيڪو شخص پنهنجي زندگي جو

1... ابو داود، كتاب السنہ، باب الدليل على زيادة الايمان ونقصانہ، صفحہ:737، حديث:4681۔

هر ننڍي کان ننڍو ۽ وڏي کان وڏو ڪم ڪري ته الله پاڪ جي رضا لاءِ ڪندو ڪري، سيني ڪمن ۾ نيڪ نيت رکي، اُن جو ايمان ڪامل ٿي ويندو آهي.

## الله پاڪ جي رضا سڀ کان وڏي نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته مسلمان جي زندگي جو اصل مقصد الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ آهي، جنهن خوش نصيب کي اها نعمت نصيب ٿي وئي، اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿي ويندو. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ رِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ<br>(پاره:10،سورهٔ توبہ:72) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله جي رضا سڀ کان وڏي شيءِ آهي |

يعني جنت جي نعمتن مان سيني کان وڏي نعمت اها هوندي ته الله پاڪ جنتين کان راضي هوندو ۽ ڪڏهن به ناراض نه ٿيندو.(1)

پياري آقا، مديني واري مصطفٰی صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ جنت وارن کي فرمائيندو: اي جنت وارؤ! ڇا توهان راضي آهيو؟ جنت وارا عرض ڪندا: موليٰ! ڇو نه راضي هونداسين، تو اسان کي اهي نعمتون عطا ڪيون، جيڪي ڪنهن کي به عطا نه ڪيون.

الله پاڪ فرمائيندو: مان اوهان کي انهن سيني کان اعليٰ نعمت عطا ڪندس. اهلِ جنت عرض ڪندا: موليٰ! انهن کان به وڌيڪ افضل ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي؟ الله پاڪ فرمائيندو: مان اوهان کان هميشه راضي رهندس ۽ ڪڏهن به ناراض نه ٿيندس.(2)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان الله پاڪ کي راضي ڪيئن ڪري سگهون ٿا؟ اچو ته هڪ خوبصورت روايت پڙهون ٿا:

---

1...تفسير خازن، پاره:10، سورهٔ توبہ، تحت الآية:72، جلد:2، صفحہ:261۔
2...بخاری ڪتاب التوحيد،باب ڪلام الرب مع اهل الجنة،صفحہ:1812،حديث:7518۔

# گناهن جي معافي گهرندا ڪيو...!!

حضرت علي بن ربيعه رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مسلمانن جا چوٿان خليفه حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ سواري تي سوار ٿيا، مون ڪي پنهنجي پويان ويهارياءُون ۽ حِرَّه (نالي علائقي) ڏانهن روانا ٿيا، هلندي هلندي انهن آسمان ڏانهن نهاريو ۽ پڙهيائون:

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ ذُنُوْبِیْ اِنَّهٗ لَا یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اَحَدٌ غَیْرُكَ

ترجمو: اي الله پاڪ! منهنجا گناهه بخش فرماءِ بيشڪ توکان سواءِ ڪو به گناهن کي بخشڻ وارو نه آهي.

حضرت علي بن ربيعه رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: هي پڙهڻ کان پوءِ موليٰ علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ مون ڏانهن نهاريو ۽ مسڪراياءُون، مان ڏاڍو حيران ٿيس، مون پڇيو: اي اميرالمؤمنين! اوهان پهريان استغفار ڪيو (يعني الله پاڪ کان گناهن جي معافي گهري) پوءِ منهنجي طرف ڏسي مسڪرايو، ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟

منهنجو اهو سوال ٻڌي، حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ مون کي هڪ واقعو ٻڌايو (پنهنجي ماضي جي هڪ ياد کي تازو ڪيائون) فرمائڻ لڳا: هڪ ڀيري پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سواري تي سوار ٿيا، مون ڪي پنهنجي پٺيان ويهڻ جو شرف عطا ڪيائون ۽ (جهڙي طرح اڄ اسان حِرَّه جي طرف وڃي رهيا آهيون، ايئن ئي) حِرَّه جي طرف روانا ٿياسين، هلندي هلندي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آسمان ڏانهن نظر ڪنئي پوءِ اهو ئي پڙهيو (جيڪو مون پڙهيو آهي ته)

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ ذُنُوْبِیْ اِنَّهٗ لَا یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اَحَدٌ غَیْرُكَ

ترجمو: اي الله پاڪ! منهنجا گناهه بخش فرماءِ بيشڪ توکان سواءِ ڪو به گناهن کي بخشڻ وارو نه آهي.

پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو رخ انور مون ڏانهن ڪيو ۽ مسڪرايائون ان تي مون ۾ اهو ئي سوال پڇيو هو جيڪو تو پڇيو آهي ته: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن عمل مبارڪ جي حڪمت ڇا آهي؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي علي! جڏهن بانهو اَللهُ پاڪ کان گناهن جي معافي گهرندو آهي ته الله پاڪ ان شخص کان خوش ٿي مسڪرائيندو آهي، بس الله پاڪ جي انهيءَ مسڪرائڻ جي ڪري مون ۾ مسڪرايو آهي.(1)

سُبْحٰنَ الله! ڇا ڳالهه ڪجي...!! پهريان ته هن روايت ۾ موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو انداز ڏسو! سنڌن اداءِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت جو انداز ڏسو! پاڻ مڪمل طور اهو ئي نقشو اختيار ڪيو، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سواري تي سوار ٿيا هئا، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به سواري تي ويٺا، آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي پنهنجي پنيان ويهاريو هو، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به حضرت علي بن ربيعه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پنهنجي پنيان ويهاريو، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حِرَّه طرف روانا ٿيا هئا، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به حِرَّه طرف روانا ٿيا، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آسمان ڏانهن نهاريو هو، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به آسمان ڏانهن نهاريو، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دعاءِ مغفرت پڙهي هئي، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به ساڳي دعا پڙهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پوئتي ڏسي مسڪرايو هو، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به پوئتي ڏسي مسڪرايو. يعني، مڪمل طور ساڳيو منظر جيڪو رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندي پيش آيو هو، موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هوبهو ساڳيو ئي منظر ورجايو پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حديث بيان فرمايائون:

سُبْحٰنَ الله! هيءَ آهي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جي سنتن سان محبت...!! پوءِ اسان چو نه چئون:

---

1...مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الدعا، باب ما کان یدعو بہ ...الخ، جلد:7، صفحہ:63، حدیث:12 ۔

ہر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارِ نبی! جنّتی جنّتی | حضرت صدیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی! جنّتی جنّتی | عثمان غنی! جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! جنّتی جنّتی | ہیں حسن حسین بھی! جنّتی جنّتی
والدینِ نبی! جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی
اور ابو سُفیان بھی! جنّتی جنّتی | ہیں معاویہ بھی! جنّتی جنّتی (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن جي معافي گھرڻ جي عادت بڻائي ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! مولیٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي بيان ڪيل حديث پاڪ مان معلوم ٿيو ته جڏهن ٻانهو الله پاڪ کان پنهنجي گناهن جي معافي گھرندو آهي ته ان شخص کان الله پاڪ تمام گھڻو خوش ٿيندو آهي ۽ پنهنجي شان جي مطابق مسڪرائيندو آهي ته ڏسو! منهنجو ٻانهو ڄاڻي ٿو ته ان کان گناهه ٿيا آهن ۽ اهو به ڄاڻي ٿو ته منهنجو مالڪ گناهه بخشڻ وارو آهي.

سُبْحٰنَ الله! اسان کي به گناهن جي معافي گھرڻ جي عادت بڻائي ڇڏڻ گھرجي...!!

ترجمو ذهن ۾ رکي اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِی، اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِی پڙهڻ جو معمول بڻايو! وڌيڪ نه ته روزانو گھٽ ۾ گھٽ هڪ تسبيح (يعني 100 ڀيرا) پڙهندا ڪيو! استغفار جا ٻيا به لفظ آهن، اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله! پڙهندا ڪيو. سيدُ الاستغفار (جيڪو شجره عاليه قادريه عطاريه ۾ لکيل آهي، اهو) پڙهند ڪيو! مطلب ته الله پاڪ کان پنهنجن گناهن جي معافي گھرڻ جي عادت بڻائي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ قيامت جي ڏينهن بغير حساب جنت ۾ وڃڻ جو شرف حاصل ٿيندو.

---

1...وسائلِ فردوس، صفحه:53-

# رات جي عبادت

صحابيءِ رسول حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **3** شخص آهن جن کي ڏسي اللّٰه پاڪ مسڪرائيندو آهي ۽ تمام گهڻو خوش ٿيندو آهي: **(1)** اهو ٻانهو جيڪو رات جو اُٿي ، پنهنجو بسترو ڇڏي ڏيندو آهي، چڱيءَ طرح وضو ڪري پوءِ نماز پڙهڻ لاءِ بيهي رهي، ان کي ڏسي اللّٰه پاڪ فرشتن کي فرمائيندو آهي: اي فرشتو! ٻڌايو! منهنجي هن ٻانهي کي هن نيڪي تي ڪنهن اُڀاريو آهي؟ فرشتا عرض ڪندا آهن: موليٰ! تون بهتر ڄاڻين ٿو. اللّٰه پاڪ فرمائيندو آهي: ها! مان ڄاڻان ٿو پر توهان مونکي ٻڌايو! فرشتا عرض ڪندا: اي مالڪِ ڪريم! تو هن کي هڪ شيءِ (يعني دوزخ) جو خوف ڏنو آهي، هي انهيءَ کان ڊڄندو آهي ، تو هن کي هڪ شيءِ (يعني جنت) جي اميد ڏياري آهي، هي انهيءَ جي اميد رکندو آهي، اهو ئي خوف ۽ اميد آهي جنهن هن کي رات جي ننڊ قربان ڪري تنهنجي سامهون بيهڻ لاءِ اُڀاريو آهي.

ان تي اللّٰه پاڪ فرمائيندو آهي: اي فرشتو! شاهد ٿي وڃو! هي جنهن شيءِ کان خوفزده آهي، مان پنهنجي ٻانهي کي ان کان امان ڏئي ڇڏي ۽ هي جنهن شيءِ جي اميد رکندو آهي اها (يعني جنت) مون ان جي لاءِ واجب ڪري ڇڏي. **(2)** ٻيو اهو شخص آهي جيڪو حق ۽ باطل جي جنگ ۾ شريڪ ٿيو، ثابت قدم رهيو تان جو شهيد ٿي ويو، يا اللّٰه پاڪ ان کي فتح عطا فرمائي (ان شخص کي ڏسي بہ اللّٰه پاڪ مسڪرائيندو آهي). **(3)** ٽيون اهو شخص آهي جيڪو رات جو سفر ڪندو آهي ايتري تائين جو رات جي آخري حصي ۾ جڏهن ڪٿي ترسندو آهي تہ ساٿس گڏ ٻيا ماڻهو سمهي پوندا آهن پر هو اٿي نماز پڙهندو آهي. (ان ٻانهي کي ڏسي بہ اللّٰه پاڪ مسڪرائيندو آهي). (1)

---

1... زہد لابن مبارک، باب فضل ذکر اللہ، جز:9، صفحہ:345، حدیث:1212 ۔

سُبۡحٰنَ اللّٰہ!پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! ڪيترو خوش نصيب آهي اهو شخص، جيڪو رات جو اُٿندو آهي، پنهنجي ننڊ قربان ڪندو آهي، چڱيءَ طرح وضو ڪري، الله پاڪ جي حضور بيهندو آهي. هي اهو سعادت مند آهي جنهن کي ڏسي الله پاڪ مسڪرائيندو آهي. ڪاش! اسان بہ اهڙا نيڪ عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

الله پاڪ اسان کي موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو فيضان نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ! ❁هزارين مدرسا ۽ جامعات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ لکين طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ❁المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي امت کي اسلامي لٽريچر (مواد) مهيا ڪيو پيو وڃي ❁سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪروڙين انسانن کي اسلامي معلومات مهيا ڪئي پئي وڃي ❁مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام ❁۽ سموري دنيا ۾ مسلمانن جي خيرخواهي جي لاءِ قائم ڪيل شعبي *(FGRF)* جي ذريعي ڏکايل مسلمانن جي خدمت ڪرڻ جو سلسلو بہ جاري آهي.

**توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌنڌڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قیّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یا اللہ! مِری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ لۡتَنۡظُرۡ نَفۡسٌ مَّا قَدَّمَتۡ لِغَدٍ ۚ
(پ28، سورۂ حشر:18)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ هر جان ڏسي ته ان سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي.

❁سرورِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: عقل مند اهو آهي جيڪو پنهنجو مُحاسبو ڪري ۽ مرڻ ڪان پوءِ جي لاءِ عمل ڪري.[1] ❁ پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ شيطان ڪان بچڻ جو بهترين طريقو هي آهي ته اسين پنهنجين عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجي عمل جو جائزو وٺندا رهون.

موجوده دور ۾ اميرِ اهلِ سنّت مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو مهيا ڪيو آهي: **رسالو نيڪ اعمال** ❁ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن لاءِ **نيڪ اعمال رسالي** ۾ **72** سوال جواب لکيل آهن ❁ هر سوال جي هيٺان **30** خانا آهن ❁ روزانو سوال پڙهي پنهنجو جائزو وٺڻو هوندو آهي ۽ خانا پرڻا هوندا آهن ❁ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو اهو بهترين نسخو آهي ❁ هن رسالي جي ذريعي نه ڄاڻ ڪيترن ماڻهن جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

❁**اوهان به هي رسالو خريد ڪريو!** روزانو پنهنجو جائزو وٺندا ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ❁ اخلاق سنورجي ويندا ❁ ڪردار سڌرو ٿيندو ❁ عادتون بهتر ٿينديون ❁ نيڪين تي استقامت ملندي ❁ گناهن ڪان نفرت پيدا

1... ترمذی، صفحہ:583، حديث:2459بتغير قليل۔

تيندي ❁ دل روشن ٿيندي ❁ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ❁ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ❁ روحانيت نصيب ٿيندي ۽ ❁ آخرت جو فڪر نصيب ٿيندو. اچو تہ ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## روزانو جائزو وٺڻ جو انعام

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه!مون کي نيڪ اعمال سان محبت آهي ۽ ان جي ذريعي روزانو پنهنجو جائزو وٺڻ منهنجو معمول آهي. هڪ دفعي مان دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ صوبي بلوچستان (پاڪستان) جي سفر تي هيس ان دوران مون گنهگار تي ڪرم ٿي ويو، ٿيو ايئن جو رات جو جڏهن مان سُتس تہ منهنجي قسمت جاڳي پئي، پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿيا، مان اجان جلوَن ۾ گم ٿي هُيس تہ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو جيڪي قافلي ۾ روزانو نيڪ اعمال رسالي جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺندا آهن مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندس.

شکریہ کیوں کر ادا ہو آپ کا یا مصطفیٰ | کہ پڑوسی خُلد میں اپنا بنایا شکریہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تجهيز و تکفين ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سمارٽ فون جي ذريعي بہ عِلمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ جي طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز متعارف ڪرايون ويون آهن، جن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي: *Muslim's Funeral*. هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ مَيّت جي غسل، ڪفن ۽ دفن بابت انتهائي اهم معلومات فراهم ڪئي وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالهہ اها آهي تہ مَيّت کي غسل ڪيئن ڏيٺو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو

آهي؟ ان جو عملي طريقو سکڻ لاءِ *Animated Videos* بہ شامل ڪيون ويون آهن. توهان بہ هيءَ موبائل ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلان

۞**رمضان المبارڪ** جو بَرڪتن وارو مهينو جاري آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ **مدني چينل** تي روزانو عصر ۽ تراويح جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائي رهيا آهن. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين ۞شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي هڪ دِيني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي رسالي "**اميرِ اهلِ سنت، علماءِ اهلِ سنت جي نظر ۾**" جو اعلان ڪيو ويندو، هي رسالو پاڻ بہ پڙهوءِ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا (جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره) استعمال ڪندا آهن، اهي الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (***Share***) ڪن. ۞ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي مبارڪ سِيرت تي هڪ نهايت ئي پيارو رسالو **ڪراماتِ شيرِ خدا** لکيو آهي، توهان هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **60 رُپين** ۾ خريد ڪيو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان جي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ چند زندگي گذارڻ جا آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت،

شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ کَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّۃِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ منهنجي سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مکتبةالمدينہ جي **بهارِشريعت جلد:3، حصو:16**، ۽ امیرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو 91 صفحن وارو رسالو **"550 سنتون ۽ آداب"** خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن پرپور سفر پڻ آهي.

علم حاصل کر، جَہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سُنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعي جي رات جو دُرود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمۡ وَبَارِكۡ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الۡاُمِّیِّ الۡحَبِیۡبِ الۡعَالِی الۡقَدۡرِ الۡعَظِیۡمِ الۡجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحۡبِہٖ وَسَلِّمۡ

1...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا سَتَر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفي صلی اللہ علیہ وسلم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثانی، ص277
4... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [4]

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
4... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455